SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر II آف 1973
SINDH ACT NO. II OF 1973
اولهه پاڪستان شاهراهون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
THE WEST PAKISTAN HIGHWAYS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (PREAMBLE)

1. مختصر عنوان
(SHORT TITLE AND COMMENCEMENT)
2. اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 جي دفعه 2 ۾ ترميم
(AMENDMENT OF SECTION 2 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII OF 1959.)
3. اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 جي دفعه 8 ۾ ترميم
(AMENDMENT OF SECTION 8 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII OF 1959.)
4. اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 ۾ دفعه 22-A جو اضافو
(INSERTION SECTION 22-A IN WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII OF 1959.)
5. اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 جي دفعه 24 ۾ ترميم
SUBSTITUION OF SECTION 24 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII OF 1959.
6. اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 جي دفعه 25 ۾ ترميم
AMENDMENT OF SECTION 25 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXII OF 1959.
7. سنڌ آرڊيننس، III، مجريه 1973 جي منسوخي
REPEAL SINDH ORDINANCE III OF 1973.

سنڌ ايڪٽ نمبر II آف 1973

SINDH ACT NO. II OF 1973

اولهه پاڪستان شاهراهون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

WEST PAKISTAN HIGHWAYS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

تمهيد (PREAMBLE)

اولهه پاڪستان هاءِ ويز آرڊيننس، 1959 جي تبديليءَ وارو ايڪٽ ته جيئن اهو صوبي سنڌ لاڳو ڪري سگهجي.
جيئن ته مناسب آهي ته اولهه پاڪستان شاهراهون آرڊيننس، 1959 ۾ ترميم ڪري لاڳو ڪجي.
تنهن ڪري هيٺ ڏنل قانون جو نفاذ ڪيو وڃي ٿو.

مختصر عنوان
AND TITLE SHORT) COMMENCEMENT

1. (1) هي ايڪٽ اولهه پاڪستان شاهراهون، 1973 (سنڌ ترميم) ايڪٽ سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي نافذالعمل هوندو.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 جي دفعه 2 ۾ ترميم
(AMENDMENT OF SECTION 2 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII OF 1959.)

2. اولهه پاڪستان شاهراهون آرڊيننس، 1959 جي دفعه 2 ۾ شق (d) کانپوءِ هيٺين شق شامل ڪئي ويندي.

”(dd) ”قومي شاهراهه“ جو مطلب اها شاهراهه آهي جيڪا ۽ جنهن جي تعمير ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ بهرام ڳوٺ رستي 8 ميل کان 97 تائين آهي.“

اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959جي دفعه 8 ۾ ترميم
AMENDMENT OF) SECTION 8 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII .OF 1959)

3. چاٽايل آرڊيننس جي دفعه 8 جي ذيلي دفعه (1) ۾ شق (b) جي لاءِ هيٺ چاٽايل شق متبادل هوندي:

(b) ڪنهن به مستقل يا عارضي ڍانچي جي تعمير ڪرڻ، جيڪا

(i) هڪ شاهراهه جي وچ مان ٻه سئو ۽ پنجويهه فوٽ

(ii) قومي شاهراهه جي وچ مان چار سئو ۽ پنجاهه فوٽ ان جي ساڄي ۽ ٻه سئو ۽ پنجويهه فوٽ ان جي کاٻي.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 جي دفعه 22-A جو اضافو

(iii)

4. چاڻايل آرڊيننس ۾ دفعه 22 جي هيٺ چاڻايل نئين دفعه شامل ڪئي ويندي.

(INSERTION SECTION 22-A IN WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII OF 1959.)

"22-A ڪو به ماڻهو ڪو اهڙو ڪم نه ڪندو (ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ يا ڊيزل آئل موبائيل آئل ڪڍڻ هارڻ وغيره.) جنهن مان هاءِ وي کي نقصان ٿئي يا مسافرن کي تڪليف ٿئي. ۽ ڪو شخص هاءِ وي اٿارٽي جي اجازت کانسواءِ شاهراهه جي حدن اندر وڻن جي ڪٽائي نه ڪندو.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959 جي دفعه 24 ۾ ترميم

SUBSTITUION OF SECTION 24 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXXII OF 1959.

5. چاڻايل آرڊيننس ۾ دفعه 24 جي لاءِ هيٺ چاڻايل اضافو ڪيو ويندو:

'24 (1) گورنمينٽ اسپيشل مئجسٽريٽ جون گشتي عدالتون بڻائي سگهي ٿي، جنهن وٽ هن آرڊيننس تحت ٻڌڻي جو اختيار حاصل هوندو ان کي هاءِ وي جو مخصوص حصي يا ڪجهه حصي تي اختيار مليل هوندو. اهو خلاف ورزين خلاف پاڻ-هرتو قدم به کڻي سگهن ٿيون.

(2) ان کانسواءِ جتي گشتي عدالت مناسب سمجهي ته اهو موزون آهي ته هڪ ڏوهه تي ڪارروائي ٿئي، ٻي صورت ۾ سمورن ڏوهن تي ڪارروائي لاءِ هن آرڊيننس تحت يا ان لاءِ بڻايل قاعدن موجب ڪارروائي ٿيندي.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII، 1959جي دفعه 25 ۾ ترميم

AMENDMENT OF SECTION 25 OF WEST PAKISTAN ORDINANCE XXII OF 1959.

هن آرڊيننس تحت ڏوهه کان روڪڻ جي مقصدن لاءِ ۽ انهن جي موقعي تي فوري ٻڌڻي لاءِ گشتي عدالت جيترو جلد ٿي سگهي مناسب خيال ڪري، پنهنجي اختيارن جي دائري ۾ رهي شاهراهه تي گشت ڪري سگهي ٿي.

6. چاڻايل آرڊيننس ۾، دفعه 25، ذيلي دفعه (1) ۾ تبديلي

(1) 'هڪ سئو روپيا' جي لفظن لاءِ لفظ 'هڪ هزار روپيا' متبادل هوندا، ۽

سنڌ آرڊيننس، III، 1973 جي منسوخي

REPEAL SINDH ORDINANCE III OF 1973.

"(11) "ڏنڊ سان گڏ جيڪو ٻه سئو روپين تائين ڪري سگهجي ٿو" لفظ 'ٻنهي قسم جي سزائن سان گڏ، جنهن جو مدو چاڻايل آهي، جيڪو ڇهه مهينن تائين ٿي سگهي ٿو يا ڏنڊ سان گڏ جيڪو ٿي هزار روپين تائين ٿي سگهي ٿو يا ٻنهي سان گڏ متبادل هوندا.

7. اولهه پاڪستان شاهراهون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.